SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 1975

SINDH ACT NO.V OF 1975

سنڌ سرڪاري ملڪيت (حد دخليون هٽائڻ) ايڪٽ، 1975

THE SINDH PUBLIC PROPERTY (REMOVAL OF ENCHROACHMENT) ACT, 1975

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. تعريفات

Definitions

3. اڏاوتون هٽائڻ

Removal of Structures

4. نظرثاني

Review

5. بيدخلي

Eviction

6. تعميرات ڊاهڻ ۽ هٽائڻ جي قيمت

Cost of Demolition and removal of structure

7. ڪرائي جي رهتن جي اوڳاڙي

Recovery of arrears of rent

8. سزا

Punishment

9. ڏوهہ جو ٻڌڻ جو اختيار ۽ ڪارروائي جو طريقو

Cognizance of offence and mode of trial

10. اختيارن جي منتقلي

Delegation of Powers

11. ڪارروائي تي پابنديءَ مقدمن جي منسوخي

Bar of Jurisdiction and abatement of suits

12. ٽربيونل

Tribunal

13. مخصوص دائره اختيار

Exclusive Jurisdiction

14. ٹربيونل جو اختيار ۽ طريقيڪار

Procedure and Power of the Tribunal

15. منتقلي

Transfer

16. قانوني ذميداري کان ڇوٽ

Indemnity

17. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

18. تنسيخ

Repeal

سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 1975

SINDH ACT NO.V OF 1975

سنڌ سرڪاري ملڪيت (حد دخليون هٽائڻ) ايڪٽ، 1975

THE SINDH PUBLIC PROPERTY (REMOVAL OF ENCHROACHMENT) ACT, 1975

[08 اپريل 1975]

هڪ اهڙو ايڪٽ جيڪو پبلڪ پراپرٽي تان غير قانوني قبضو ختم ڪرڻ جو طريقيڪار مهيا ڪري ٿو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اهو ضروري سمجهيو ويو آهي تہ اهڙو طريقو مهيا ڪيو وڃي جنهن سان پبلڪ پراپرٽي تان غير قانوني قبضو ختم ڪيو وڃي ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن کي ڪجهہ هن طرح:

هي قانون هيٺين طريقي سان جوڙيو ويو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ سرڪاري ملڪيت (حد دخليون هٽائڻ) ايڪٽ، 1975 سڏيو ويندو.

commencement

(2) هي فوري طور تي نافذالعمل هوندو.

تعريفات

Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين مضمون ۽ مفهوم جي ڪجهه متضاد نه هجي تيستائين:

(a) "خودمختيار (آٽو نامس باڊي)" مطلب ڪو بورڊ، ڪارپوريشن، ادارو، تنظيم، اٿارٽي يا اهڙي باڊي جيڪا حڪومت طرفان قائم ڪئي وئي هجي يا ڪنهن قانون تحت جزوي يا مڪمل طور تي صوبي جي خزاني مان سهائتا يا امداد جي ذريعي قائم ٿي هجي.

(b) "بلڊنگ" مطلب هڪ عمارت يا ڪجهه حصو جيڪو شامل هجي پلنٿ (PLINTH)، پٽ، ڏاڪڻ، پليٽ فارم، ڊڪيل ايراضي يا ڪنهن به قسم جي، خيمو يا جهڳي ۽ زمين جيڪا ان سان لاڳاپيل هجي.

(c) "حد دخلي" مطلب پبلڪ پراپرٽي تي غير قانوني قبضو يا ناجائز مداخلت.

(d) "گورنمينٽ" مطلب سنڌ حڪومت.

(e) "لينڊ" بشمول پاڻي جي هيٺ زمين، ڪوهه، ندي، نالو، سرنگهه، ڪلورٽ، پل، فٽ پاٿ ۽ گهٽي.

(f) "لوڪل ڪائونسل" مطلب ڪائونسل جيڪا سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 1972 (سنڌ آرڊيننس آف 1972) جي تحت قائم ٿي هجي.

(g) "بيان ڪيل (PRESCRIBED)" مطلب مقرر قانون موجب ڄاڻايل يا ان قانون تحت بيان ڪيل.

(h) "پبلڪ پراپرٽي" مطلب ڪا عمارت، زمين،

جڳهه يا مخصوص حصو جيڪو حڪومت يا لوڪل ڪائونسل جي يا خودمختيار اداري يا ڪنهن اٿارٽي جي هٿ هيٺ هجي يا قبضي يا انتظام هيٺ هجي،

(i) "ٽريبيونل" مطلب اهڙي ٽريبيونل جيڪا دفعه 12 تحت قائم ڪئي وئي هجي.

اڏاوتون هٽائڻ

Removal of Structures

3. (1) حڪومت يا ڪا اٿارٽي يا مجاز عملدار جيڪو مقرر ڪيو ويو هجي حڪومت طرفان ان لاءِ تہ ڪو شخص جيڪو حد دخلي ۾ سڏي يا اڻ سڏي طرح ملوث هجي، جيڪا پبلڪ پراپرٽي تي غير قانوني قبضي سميت جيڪڏهن ڪا تعمير ڪئي وئي آآهي، ان کي ختم ڪرڻ ۽ اڏاوتن ڊاهڻ لاءِ حڪم ڏيندو جنهن جو مدو ٽن ڏينهن کان گهٽ نہ هوندو جيئن حڪم نامي ۾ واضح ڪيو ويو هجي.

وضاحت: جنهن کي ليز يا ليسن ڏنو ويو آهي، اهو جيڪڏهن ليز يا لائسنس جي مدي پوري ٿيڻ کانپوءِ يا ان ليز يا لائسنس جي پوري ٿيڻ کانپوءِ ڪنهن پبلڪ پراپرٽي تي قبضو برقرار رکندو تہ اهو مذڪوره ذيلي دفعه تحت غير قانوني قبضو ڪندڙ سمجهيو ويندو.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت حڪم کي تعميل ڪرائي سگهجي ٿو:

(a) ان شخص جي جيڪو شخص ذميدار آهي حددخلي جو يا اهڙي بالغ شخص ذريعي جيڪو ان سان گڏ رهندو هجي، يا

(b) اتي لڳايو وڃي جتي اها، پبلڪ پراپرٽي هجي يا ان

سان گڏ.

نظرثاني

Review

4. (1) ڪو شخص جيڪو غير مطمئن هجي انهيءَ حڪم مان جيڪو ذيلي دفعہ 3 جي تحت جاري ٿيو هجي، اهو وصول ٿيڻ جي 7 ڏينهن اندر حڪومت وٽ يا مجاز اٿارٽي وٽ يا ان عملدار وٽ جنهن حڪم نامو جاري ڪيو هجي نظرثاني پٽيشن داخل ڪري سگهي ٿو.

(2) حڪومت، يا جنهن قسم جو معاملو هجي مجاز اختياري يا عملدار جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي، نظرثاني پٽيشن جيڪا ذيلي دفعہ 1 تحت داخل ڪئي وئي هجي، ان جو جائزو وٺڻ بعد ۽ مدعي کي يا ان جي نمائندي کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ بعد ئي ڪو حتمي فيصلو يا ترميم يا ختم ڪرڻ جو حڪم جاري ڪندو.

بيدخلي

Eviction

5. (1) جيڪڏهن ڪو شخص دفعہ 3_A تحت جاري ڪيل حڪم ملڻ بعد ستن ڏينهن اندر پبلڪ پراپرٽي کي خالي ڪرڻ، تعميراتي ڍانچو ختم ڪرڻ ۾، جيڪو ان تي بڻيل آهي، انڪار ڪري ٿو يا ناڪام ٿئي ٿو، تہ ڪيو ويو هجي يا جيڪڏهن نظرثاني پٽيشن جيڪا ان حڪم نامي جي خلاف ڪئي وئي هجي ان جي خارج ٿيڻ بعد اهو زبردستي اتان بيدخل ڪيو وڃي، جيئن بہ ضروري هجي، ان مجاز عملدار جي ذريعي جنهن کي حڪومت ان معاملي ۾ مقرر ڪيو هجي ۽ جيڪڏهن ڪجهہ بہ تعميراتي ڍانچو ان پبلڪ پراپرٽي تي بڻيل هوندو تہ ان تي گورنمينٽ، لوڪل ڪائونسل يا خودمختيار اداري کي اختيار حاصل ٿي ويندو جيئن بہ

ڪيس هجي.

(2) جيڪڏهن ڪو مقرر ڪيل عملدار ذيلي دفعہ (1) تحت پوليس جي مدد وٺڻ چاهيندو هجي تہ اهو عملدار لکت ۾ ان پوليس اسٽيشن جي آفيسر انچارج کي درخواست موڪليندو جنهن جي مقامي حدن ۾ پبلڪ پراپرٽي واقع هجي ۽ اهو پوليس عملدار ان مطالبي تي گهربل مدد فراهم ڪندو.

تعميرات ڊاهڻ ۽ هٽائڻ جي قيمت

Cost of Demolition and removal of structure

6. دفعہ 5 تحت بي دخلي سبب ڪٿي بہ ڪو عمارتي ڍانچو مسمار ڪيو وڃي يا ختم ڪيو وڃي تہ ان عمارتي ڍانچي جي مسماري يا هٽائڻ تي جيڪو بہ خرچ ٿيندو اهو ٽيڪس جي رهتن طور ان ماڻهو کان وصول ڪيو ويندو جيڪو ناجائز قبضي جو ذميدار هوندو.

ڪرائي جي رهتن جي اوڳاڙي

Recovery of arrears of rent

7. جيڪڏهن ڪنهن پبلڪ پراپرٽي سان لاڳاپيل ڪرائي جي مد ۾ ڪي رهتون واجب الادا آهن ان ماڻهو جي ذمي، جنهن کي ان سرڪاري ملڪيت مان بيدخل ڪيو ويو هجي تہ ان شخص کان ٽيڪس جي رهتن طور وصول ڪيا ويندا.

سزا

Punishment

8. (1) جيڪڏهن ڪو شخص ناجائز قبضي جو ذميودار ڄاتو وڃي ٿو تہ ان کي 6 مهينن تائين سزا يا ڏنڊ جيڪو 3 هزار رپين تائين ٿي سگهي ٿو يا ٻئي بہ ٿي سگهن ٿا.

(2) ڪو عملدار جيڪو حددخلي روڪڻ لاءِ ڪنهن بہ

علائقي ۾ مقرر ڪيو ويو هجي، اهو سڌي يا اڻسڌي طرح ناجائز قبضي جو ڏوهه ڪندڙ سان ڳنڍ جوڙ ڪري يا مدد ڪري يا ان ڏوهه کي قائم رکڻ يا ڊيوٽي ۾ غفلت سبب اهڙي ڏوهه ۾ ڀاڳي ڀائيوار ٿي وڃي يا قائم رهي ته ڏوهه ۾ مدد جي سزا جو مستحق ٿيندو.

(3) جيڪڏهن آفيسر انچارج پوليس اسٽيشن، پوليس جي مدد ڏيڻ ۾ جاڻي واڻي ناڪام ٿئي ٿو يا مدد فراهم ڪرڻ ۾ چشم پوشي ڪري ٿو جيڪا دفعه 5 جي ذيلي دفعه 2 تحت ان کان طلب ڪئي وئي هجي ته اهو ناجائز قبضي جي ڏوهه ۾ مدد جي سزا جو مستحق ٿيندو.

ڏوهه جو ازالو ۽ ڪارروائي جو طريقو

Cognizance of offence and mode of trial

9. (1) ڪنهن به عدالت کي ان ڏوهه ۾ جيڪو ان قانون تحت هجي، ٻڌڻي جو اختيار ناهي، سواءِ ان جي ته حڪومت يا مجاز عملدار ان معاملي ۾ شڪايت ڪري.

(2) حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي هدايت ڪري سگهي ٿي ته اهي ڏوهه جيڪي هن قانون تحت اچن ٿا انهن جي ٻڌڻي سرسري ٿيندي، بمطابق ان طريقيڪار جي ته ضابطه فوجداري، 1898 (ايڪٽ 5، 1898) جي باب 22 ۾ تجويز ڪيو ويو آهي.

اختيارن جي منتقلي

Delegation of Powers

10. گورنمينٽ سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، هن قانون تحت ڪنهن عملدار يا ڪنهن لوڪل ڪائونسل کي يا خودمختيار اداري کي يا ڪنهن ٻئي اداري کي اختيار ڏيندي.

ڪارروائي تي پابندي ۽ مقدمن جي منسوخي

Bar of Jurisdiction and abatement of suits

11. (1) هن قانون تحت ڪنهن بہ سول ڪورٽ کي دائره اختيار ۾ ناهي تہ اها منع نامي جو حڪم ڏئي، يا ڪو حڪم جاري ڪري تہ سرڪاري ملڪيت آهي يا ناهي، يا ڪو بہ ليز لائسنس سرڪاري ملڪيت جي باري ۾ غور نٿي ڪري سگهي.

(2) سمورا ڪيس، اپيلون ۽ درخواستون جيڪي حد دخلين هٽائڻ ۽ اهو تہ متنازعہ ملڪيت سرڪاري ناهي، يا اهو تہ ليز يا لائسنس شرطن شروطن سان ڏنو ويو آهي، اهي هن ايڪٽ لاڳو ٿيڻ سان ختم ٿي ويندا.

بشرطيڪ اها ڏر جيڪا ڪيس ڪري ٿي، اپيل ڏئي ٿي يا درخواست ڏئي ٿي، پر اها هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ جي 30 ڏينهن اندر ڏني وئي آهي، تہ اها ڏر ٽربيونل ۾ ڪيس دائر ڪري سگهي ٿي تہ هن جي ملڪيت سرڪاري ملڪيت نہ آهي، يا جيڪو هن کي ليز يا لائسنس ڏنو ويو آهي، ان جا شرط مقرر ٿيل آهن.

ٽربيونل

Tribunal

12. (1) گورنمينٽ آفيشل گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ڏئي ٽربيونل جوڙڻ ۽ ان جون حدون ۽ اختيار واضح ڪري سگهي ٿي.

(2) حڪومت ڪنهن بہ سيشن جج، ايڊيشنل جج، يا ايڊيشنل ضلع مئجسٽريٽ جنهن جو تجربو 3 سالن کان گهٽ نہ هوندو ان کي ٽربيونل جو مئجسٽريٽ مقرر ڪري سگهي ٿي.

مڪمل دائره اختيار

Exclusive Jurisdiction

13. ٽريبيونل کي اهڙي جهيڙي جي فيصلي ڪرڻ جو اختيار آهي تہ ڪا ملڪيت سرڪاري ملڪيت ناهي ليز يا لائسنس اهڙن شرطن تي ڏنا ويا آهن جيڪي هن ايڪٽ جون گهرجون پوريون ڪن ٿا.

ٽريبيونل جو اختيار ۽ طريقيڪار

Procedure and Power of the Tribunal

14. (1) ٽريبيونل اهو ۽ ايئن فيصلو ڪندي جيڪو ڪيس هن ايڪٽ موجب اختيار ڏنو ويو آهي.

(2) ٽريبيونل جو ڪو بہ حڪم جيڪو ڪنهن متضاد معاملي ۾ فريقن جي حتمي حقن جو تعين ڪندو هجي، فريقن تي ان جي پابندي لازمي هوندي.

(3) ٽريبيونل کي ديواني عدالتن جي اختيارن جو مجموعو ضابطہ ديواني، 1908 (ايڪٽ 5 آف 1908) تحت هيٺ ڄاڻايل اختيار حاصل هوندا.

(الف) ڪنهن فرد کي حلفيہ گواهي جي لاءِ حاضري لاءِ سمن جو جاري ٿيڻ

(ب) حلف نامي تي گواهي جي وصولي

(ج) ڪاغذن جي پيشي لاءِ دباءُ

(د) گواهن ۽ ڪاغذن جي جاچ لاءِ ڪميشن جو قيام

(4) ٽريبيونل جي ڪارروائي دفعہ 193 ۽ 228 تعزيرات پاڪستان (ايڪٽ XLV، 1860) تحت عدالتي

ڪارروائي سڏرائيندي.

منتقلي

Transfer

15. حڪومت مقدمي کي هڪ ٽربيونل کان ٻئي ٽربيونل ڏانهن منتقل ڪري سگهي ٿي.

قانوني ذميداري کان ڇوٽ

Indemnity

16. هن ايڪٽ مطابق ڪنهن به قدم تي حڪومت يا ان طرفان اختيار ڏنل شخص خلاف ڪنهن به قسم جي قانوني ڪارروائي نه ٿيندي.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

17. حڪومت هن ايڪٽ جي مقصدن جي حاصلات لاءِ قاعدا جوڙيندي.

تنسيخ

Repeal

18. اولهه پاڪستان زمين ۽ عمارتي (قبضي جي بازيابي) آرڊيننس، 1966ء اولهه پاڪستان خودمختيار اداره، غير منقوله جائيداد (غير قانوني قبضو ڪندڙن کان خالي ڪرائڻ) آرڊيننس، 1955 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.